SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1995

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1995

# بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1995

# THE BADIN DEVELOPMENT AUTHORITY ORDINANCE, 1995

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌاروءِ شروعات
Short title, Extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي ءِ ان جي شموليت
Authority and its incorporation

4. اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Authority

5. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرريءِ ذميداريون
Appointment and duties of the Director General

6. اٿارٽي جي عملدارءِ ٻيو عملو
Officers and other staff of the Authority

7. اٿارٽي جا ڪم
Functions of the Authority

8. اٿارٽي جي گڏجاڻي

Meeting of the Authority

9. ڪميٽيز جي جوڙجڪ

Constitution of Committees

10. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

11. مئسٽر پروگرام

Master program

12. اسڪيمز

Schemes

13. غلط واڌ کان بچاءُ

Prevention from haphazard growth

14. عمارت تعمير ڪرڻ يا ٻيهر تعمير ڪرڻ

Erection or re-erection of building

15. اسڪيم جا فنڈز

Funds of Scheme

16. ملڪيت جي خريد، ليز يا متا ستا

Purchase, lease or exchange of property

17. زمين حاصل ڪرڻ

Acquisition of land

18. اٿارٽي جا فنڈز

Funds of Authority

19. ٻجيٽ

Budget

20. اڪائونٽس جي مينٽيننس

Maintenance of accounts

21. گورنمينٽ ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي

Supply of water to Government agency

22. سرگرمين جي رپورٽ

Report activities

23. لوکل ڪائونسل جا اثاثا، ذميداريون ۽ اختيار اٿارٽي کي منتقل ڪرڻ

Transfer of assets and liabilities and Power of local Council to the Authority

24. رهتن جي بازيابي

Recovery of dues

25. دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction barred

26. ڇوٽ

Indemnity

27. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

28. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1995

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1995

# ٻدين ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1995

# THE BADIN DEVELOPMENT AUTHORITY ORDINANCE, 1995

[6 آگسٽ 1995]

آرڊيننس جنهن ذريعي تعلقي بدين سان لاڳاپيل ايراضين ۽ ضلعي بدين جي ٻين علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ گنجائشون جوڙيون ويندیون ۽ ان مقصد لاءِ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ بدين سان لاڳاپيل ايراضين ۽ ضلعي بدين جي ٻين علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ ان مقصد لاءِ اٿارٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, Extent and

1.(1)هن آرڊيننس کي بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1995 سڏيو ويندو.

(2)اهو بدين تعلقي ۽ بدين ضلعي جي اهڙن علائقن تائين وڌايو ويندو جيڪي حڪومت وقت بوقت نوٽيفڪيشن

ذريعي بيان ڪري.

commencement

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2.هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد هجي، تيستائين:

وصفون

Definitions

(a)"اٿارٽي" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(b)"چيئرمين" مطلب اٿارٽي جو چيئرمين؛

(c)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d)"ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(e)"ميمبر" اٿارٽي جو ميمبر؛

(f)"بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت بيان ڪيل؛

(g)"ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(h)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

## ٻاب - II

## اٿارٽي جي جوڙجڪ ۽ ڪم

## CHAPTER-II

## CONSTITUTION AND FUNCTIONS OF THE AUTHORITY

اٿارٽي ۽ ان جي شموليت

Authority and its incorporation

3.اٿارٽي هوندي، جنهن کي بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو جيڪا هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هوندي.

(2)اٿارٽي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي پنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت وٺڻ ۽ رکڻ جي عام مهر ۽ حقيقي وارثي حاصل هوندي، جيڪا ڇاڻايل نالي سان ڪيس

ڪري سگھندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگھندو.

اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Authority

4.(1)اٿارٽي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (a)منصوبابندي ۽ ترقي وارو وزير يا وڏي وزير طرفان نامزد ڪيل ٻيو ڪو وزير | چيئرمين |
| (b)حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر | ميمبر |
| (c)ڊائريڪٽر جنرل | ميمبر |
| (d)اهڙا ٻيا نان آفيشل ميمبرز جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هجن ۽ آفيشلز ميمبر جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن | ميمبرز |

(2)نان آفيشل ميمبر ٽن سالن تائين عهدو رکي سگھندو جيستائين اڳوات استعيفيٰ نه ڏئي يا هٽايو نه وڃي: بشرطيڪ نان آفيشل ميمبر تيستائين نه هٽايو ويندو جيستائين ان کي بدلڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي.

(3)نان آفيشل ميمبر جي خالي ٿيل عارضي آسامي تي جيڪڏهن ڪو شخص مقرر ڪيو ويندو اهو اهڙي آسامي تي رهيل مدي لاءِ عهدو سنڀاليندو.

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ذميداريون
Appointment and duties of the Director General

5.(1)ڊائريڪٽر جنرل حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي اٿارٽي طرفان ڪيس سونپيا ويا هجن.

(3)جتي ڊائريڪٽر جنرل ڪنهن سبب کان ڏيوٽي تان غير حاضر هجي، يا پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام نه ڏئي سگھي، حڪومت ڪنهن آفيشل ميمبر کي ڊائريڪٽر جنرل جون ذميداريون سنڀالڻ لاءِ نامزد ڪري سگھي ٿي.

| | |
|---|---|
| 6.پنهنجي ڪمن جي بهتر ادائگي لاءِ اٿارٽي اهڙا عملدار، ماهر، صلاحڪار ۽ ملازم اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | اٿارٽي جي عملدار ۽ ٻيو عملو<br>Officers and other staff of the Authority |
| 7.حڪومت جي عام يا خاص هدايتن تحت، اٿارٽي ڪندي:<br>(i)سموري ترقي، سڌاري ۽ ان جي حدن ۾ ايندڙ علاقي جي سنوار سينگار جي ذميدار هوندي؛<br>(ii)اسڪيمون جوڙيندي، عملدرآمد ڪندي ۽ لاڳو ڪرائيندي؛<br>(iii)پاڻي فراهمي، نالين، سيوريج ۽ سولڊ ويسٽ جي نيڪال سان لاڳاپيل عوامي ڪمن جي فراهمي، ترقي ۽ ٽرائيٽ، هلائڻ ۽ سنيالڻ؛<br>(iv)اهڙا اپاءَ ونڻ ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛<br>(v)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي حڪومت طرفان ڪيس سونپيا وڃن. | اٿارٽي جا ڪم<br>Functions of the Authority |
| 8.اٿارٽي اهڙي هنڌ تي گڏجاڻي ڪندي ۽ اهڙي وقت تي ۽ اهڙي طريقي ۽ طريقيڪار جي اهڙن قاعدن تي مشاهدو ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين انداز يا طريقيڪار بيان ڪيو وڃي، گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ٿيندي جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وڃي. | اٿارٽي جي گڏجاڻي<br>Meeting of the Authority |
| 9.اٿارٽي ڪميٽيز جوڙي سگهي ٿي، جهڙوڪ مالياتي ڪميٽي، ٽيڪنيڪل ڪميٽي يا مشاورتي ڪميٽي، جيئن هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪري سگهجن. | ڪميٽيز جي جوڙجڪ<br>Constitution of |

Committees

اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers

10.اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي پنهنجا ڪي به اختيار، ڪم ۽ ذميداريون چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا ڪنهن آفيشل ميمبر کي سونپي سگهي ٿو.

## ٻاب - III

## ماسٽر پروگرامز ۽ اسڪيمز

## Chapter - III

## MASTER PROGRAMMES AND SCHEMES

ماسٽر پروگرام
Master program

11.اٿارٽي جيترو ممڪن ٿي سگهي اهڙن علائقن جي ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ ماسٽر پروگرام جوڙيندي ته جيئن علائقي کي ترقي ونڊائي، سڌاري، وڌائي ۽ خوبصورت بڻائي سگهجي ۽ اهڙو پروگرام منظوري لاءِ حڪومت کي اماڻيندي.

اسڪيمز
Schemes

12.(1)اٿارٽي پنهنجي دائره اختيار ۾ علائقي يا ان جي حصي لاءِ خاص اسڪيم يا اسڪيمون جوڙيندي، اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)اٿارٽي طرفان تيار ڪيل سموريون اسڪيمون حڪومت کي منظوري لاءِ پيش ڪيون ويندیون، سواءِ انهن اسڪيمن جي جن جي ڪٽيل رقم اهڙي بيان ڪيل حد کان وڌيڪ نه هجي يا جنهن جي سلسلي ۾ حڪومت کان گرانٽ يا قرض جي ضرورت نه هجي.

غلط واڌ کان بچاءُ
Prevention from haphazard

13.(1)اٿارٽي نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙيون شيون ڪري سگهي ٿي جيڪي غلط واڌاري، حد دخلين، بنا اجازت تعمير يا پنهنجي دائره

growth

اختيار ۾ ڪنهن ايراضي ۾ آپريشن کي روڪڻ لاءِ ضروري هجن.

(2)حد دخلي وقتي طور لاڳو قانون تحت هٽائي ويندي.

عمارت تعمير ڪرڻ يا ٻيهر تعمير ڪرڻ

Erection or re-erection of building

14.(1) ڪو به شخص عمارت تعمير ڪري يا ٻيهر تعمير ڪري نه سگهندو. پاهرين تبديلي نه آڻي سگهندو. ڪنهن اڳواٽ موجود عمارت ۾ يا واڌاري ۾ يا تعمير ڪري يا ٻيهر تعمير ڪري ڪنهن ٺهندڙ حصي ۾ سواءِ اٿارٽي جي اجازت کان، جيڪا اهڙيءَ ريت ۽ اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت ڏني ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)جتي ڪو شخص ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي پيڪڙي ڪري ٿو اٿارٽي اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي جيڪي اهڙي گنجائش لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

اسڪيم جا فنڈز

Funds of Scheme

15.(1)اٿارٽي حڪومت کان اڳواٽ اجازت سان اسڪيمون ۽ ڪم پورا ڪرڻ جي مقصد لاءِ اڳهه. فيس ۽ ٻيون چارجز مڙهي وقت بوقت فنڈز گڏ ڪري سگهي ٿي.

(2)اڳهه. فيس ۽ ٻيون چارجز اهڙيءَ ريت مڙهيون ۽ اوڳاڙيون ويندیون جهڙيءَ ريت بيان ڪيو ويو هجي.

## ٻاب - IV

## ملڪيت جي حاصلات

## Chapter - IV

## ACQUISITION OF PROPERTY

ملڪيت جي خريد، ليز يا مٽا سٽا

Purchase, lease or exchange of

16.اٿارٽي خريد، ليز يا مٽا سٽا ذريعي ڪا بي متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت يا ٻيو ڪو فائدو ان سلسلي ۾ لاڳاپيل پارٽي سان ڪنهن معاهدي ۾ داخل ٿي حاصل ڪري سگهي ٿي.

property

زمين حاصل ڪرڻ
Acquisition of land

17.جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي ته ڪنهن اسڪيم يا پئي عوامي مقصد لاءِ گهربل ڪا زمين دفعہ 16 تحت حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي اهڙي زمين حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت حاصل ڪئي ويندي.

## ٻاب - V

## مالیات

## Chapter-V

## FINANCES

اٿارٽي جا فنڈز
Funds of Authority

18.(1) هڪ ڏار فنڈ ٺاهيو ويندو جنهن کي بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي فنڈ سڏيو ويندو جيڪو اٿارٽي وٽ رهندو.

(2)فنڈ مشتمل هوندو:

(a)حڪومت يا لوڪل ڪائونسلز طرفان ڪيل گرانٽس؛

(b)متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيتن جا سيل پروسيڈز؛

(c)هن آرڊيننس تحت حاصل ڪيل سموريون فيس، رسيدون ۽ چارجز؛

(d)اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيون سموريون رقمون ۽ قرض.

ٻجيٽ
Budget

19.ڪٽيل رسيدن جو استيٽمينٽ ۽ هر مالي سال جو خرچ تيئر ڪيو ويندو ۽ حڪومت کي منظوري لاءِ اهڙيءَ ريت ڏنو ويندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اڪائونٽس جي مينٽيننس
Maintenance of accounts

20.(1) اٿارٽيءَ جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت سنيالیل اڪائونٽس اڪائونٽ جنرل طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

## ٻئب -VI

## پاڻيءَ جي فراهمي

## Chapter –VI

## WATER SUPPLY

گورنمينٽ ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي
Supply of water to Government agency

21.اٿارٽي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ اهڙي اگهه تي ورهاست جي ذميدار هوندي ۽ اهڙن شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

سرگرمين جي رپورٽ
Report activities

22.اٿارٽي هر سال جي پڄاڻي تي ان سال جي سرگرمين جي رپورٽ تيار ڪندي ۽ اهڙي رپورٽ حڪومت کي پيش ڪندي.

لوڪل ڪائونسل جا اثاثا، ذميداريون ۽ اختيار اٿارٽي کي منتقل ڪرڻ
Transfer of assets and liabilities and Power of local Council to the Authority

23.هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي لوڪل ڪائونسل، لوڪل اٿارٽي يا بادي جا سمورا اختيار ۽ ڪم، جوڙجڪ جي سلسلي ۾ ۽ اسڪيمن تي ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ يا هلائڻ ۽ مرمت جي خدمتن جي سلسلي ۾، جهڙوڪ پاڻي جي فراهمي، سيوريج ۽ ڊرينيج اٿارٽي يا ان جي حصي جي دائره اختيار واري ايراضي ۾، اٿارٽي طرفان هلايو ۽ سنڀاليو ويندو.

رهتن جي بازيابي
Recovery of dues

24.ڪنهن رقم جي اٿارٽي ڏانهن رهت يا اٿارٽي طرفان غلط ادائگي جي صورت ۾ اها رقم ليند روينيو جي رهتن جي صورت ۾ بازيابي لائق هوندي.

دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

25.ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن به ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا حڪم جاري ڪرڻ يا ڪارروائي ڪرڻ جو ڪو اختيار نه هوندو.

چوٽ
Indemnity

26.هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڪم تي يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو به ڪيس يا مقدمو حڪومت، اٿارٽي يا ڪنهن شخص خلاف نه ٿيندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

27.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make regulations

28.(1)هن آرڊيننس جي گنجائشن ۾ قاعدن موجب اٿارٽي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان ٽڪراءَ کانسواءِ اهڙا ضابطا فراهم ڪري سگهن ٿا:

(i)گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ گڏجاڻين جا مول متا؛

(ii)اٿارٽي جي عملدارن ۽ عملي جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**